# نيڪيون لڪايو...!

25-November-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

25 نومبر، 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نيڪيون لڪايو...!

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

❖... الله وارن جي هڪ پاڪيزه عادَت

❖... رياڪاري دَجّال جي فتني کان وڌيڪ خطرناڪ آهي

❖... قيامت تي ايمان رکڻ جون ٻه تقاضائون

❖... نيڪين جو اظهار ڪرڻ کان بچڻ جا ٻه طريقا

پيشڪش
**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو**

**ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو: **مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي**)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف **جي معنيٰ آهي**: **مون سُنَّت اعتڪاف** جي نِيت ڪئي. نِيت دِل جي ارادي کي چئبو آهي، جڏهن بہ مسجد ۾ حاضِري ٿئي، دِل ۾ ارادو رکي زبان سان بہ اعتڪاف جي نِيت ڪري وٺو! ان جا بہ فائدا ٿيندا: ❖ **پهريون** اهو تہ جيسيتائين مسجد ۾ رهندؤ، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو ❖ مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز نہ آهي، اعتڪاف جي نيت ڪري ڇڏڻ سان **ٻيو فائدو** اهو ٿيندو تہ اهي سڀئي ڪم (يعني مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ وغيره) بہ جائز ٿي ويندا.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو، جيستائين منهنجو نالو ان ۾ رهندو، ملائڪ ان جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا رهندا.** (معجم اَوْسط، جلد:1 ، صفحہ: 497، حديث: 1835)

عجب کرم ہے کہ خود مجرموں کے حامی گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں
وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں
سامانِ بخشش، صفحہ: 93-94 ملتقطاً

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون:

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ يعني سٺي نيت انسان کي جنت ۾ داخِل ڪرائي ڇڏي ٿي. (مسند فِردَوس، جلد: 4، صفحہ: 305، حديث: 6895)

**اي عاشقانِ رسول!** سٺين سٺين نيتن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ٻه کي سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو! ❖ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ❖ باادب ويهندس ❖ خوب توجهه سان بيان ٻُڌندس ❖ بيان ٻُڌي ان تي عمل جي ڪوشش ڪندس ❖ جيڪو ٻڌندس، ٻين تائين پهچائي عِلمِ دين پکيڙڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

ٽئين صدي هجري جا هڪ بزرگ حضرت اسماعيل بن نُجَيد نيشاپُوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گذريا آهن، اهي پنهنجي دور جا تمام وڏا امام، مُحَدِّث، زاهد ۽ صُوفي بزرگ هئا ۽ حضرت ابوعثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مريد هئا. هڪ ڀيري جو واقعو آهي ته سندن پِير صاحب حضرت ابوعثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪامل مُرِيد حضرت اسماعيل بن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي راهِ خُدا ۾ صدقو ڪرڻ جو فرمايائون، حضرت اسماعيل بن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يڪدم 2 هزار دِرهم (يعني چاندي جا سِڪا) سندن خِدمت ۾ حاضر ڪيا. شيخ ابوعثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪامِل مُريد جي سخاوت کان ڏاڍو خوش ٿيا، ماڻهن کي هن ڳالهه جي خبر پئي ته انهن به خوب ساراهيو. حضرت اسماعيل بن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن ڏٺو ته منهنجو نيڪ عَمَل ظاهر ٿي ويو آهي ۽ ماڻهو منهنجي واکاڻ ڪري رهيا آهن ته ڪين دِلي صدمو پهتو، پاڻ پنهنجي پِير صاحب جي خِدمت ۾ حاضِر ٿي ماڻهن جي سامهون عرض ڪيائون: سائين! مون کي منهنجو مال واپس موٽائي ڏيو، مان هينئر راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ نٿو چاهيان. پِير صاحب سيئي درهم واپس موٽائي ڏنا. ماڻهن جڏهن اِهو عجيب معاملو ڏٺو ته اهي حضرت اسماعيل بن نُجَيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي بُرو

پلو چوڻ لڳا (تہ هي کهڙو ماڻهو آهي، راهِ خُدا ۾ رقم ڏئي وَري واپس ورتي اٿس). حضرت اسماعيل بن نُجيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ماڻهن جي انهن ڳالهين جي ڪا پرواهہ نہ ڪئي ۽ رقم وٺي گهر اچي ويا. جڏهن رات ٿي ۽ حضرت عثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تنهائي ۾ ويا تہ هاڻي ڪامل مُرِيد حضرت اسماعيل بن نُجَيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پِير صاحب جي خدمت ۾ حاضِر ٿي اُهي ئي 2 هزار دِرهم پيش ڪري عرض ڪيائون: سائين! هي 2 هزار دِرهم آهن، اوهان ڪي جنهن دِيني ضرورت تي خرچ ڪرڻا آهن، لڪائي خرچ ڪريو، منهنجو نالو ڪنهن تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏجو. حضرت عثمان حِيري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪامل مُرِيد جي اها ڳالهہ ٻڌي تہ اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ فرمايائون: اي اسماعيل! تنهنجي همَّت ڪي سلام هجي...! (تاريخ الاسلام، جلد: 8، صفحہ: 525)

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ گناہوں سے ہردَم بچا یااِلٰہی!
مرا ہر عَمَل بَس ترے واسطے ہو کر اِخْلاص ایسا عطا یااِلٰہی!
عبَادت میں گزرے مری زندگانی کرم ہو کرم یاخُدا یااِلٰہی!

(وسائلِ بخشش، صفحہ: 105)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اللہ وارن جي هڪ پاڪيزه عادَت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اسان جا بزرگ سڳورا نيڪ عملن ۾ اِخْلاص جو ڪيترو خيال رکندا هئا! اهي پاڪيزه ماڻهو پنهنجون نيڪيون لڪائڻ جو ڪيتري قدر جذبو رکندا هئا...! اسان جي نيڪي ظاهر ٿي وڃي، ماڻهو واکاڻ ڪرڻ لڳن، واهہ واهہ ٿيڻ لڳي، ماڻهن جي ميڙ ۾ اِعلان ٿي وڃي تہ فُلاڻي صاحِب ايتري رقم راهہ خُدا ۾ صدقو ڪئي آهي، سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وڃي، اخبار ۾ اشتهار لڳي تہ اسان ڪي خُوشِي ٿيندي آهي، اسان تمام گهڻا خوش ٿيندا آهيون، پر قربان وڃجي! انهن نيڪ ۽ پاڪيزه ماڻهن جي

سوچ تي، انهن جي همّت تي، انهن جي اِخلاص تي، اهي ماڻهو خالِص الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ نيڪيون ڪندا هئا. پهريان ته نيڪي ظاهر ئي نٿا ٿيڻ ڏين، پوءِ جيڪر پنهنجي ڪوشش جي بغير، ڪنهن سبب نيڪي ظاهر ٿي ويندي هئي ته انهن کي صدمو ٿيندو هو، ڏُک ٿيندو هو ته اسان جي نيڪي ظاهر ڇو ٿي وئي، اسان ته الله پاڪ جي رِضا چاهيندا آهيون، هي ماڻهن جي واکاڻ، اسان جي واهه واهه، اسان جي نيڪ نامي ڪٿي اسان جي نيڪي جو بدلو نه بڻجي وڃي.

راتِيں زاری کر کر روندے نیند اکھیں دِی دھوندے
فَجرِیں او گنہار کہاندے سب تھیں نیوے ہوندے

وضاحت: يعني اهي اهڙا نيڪ ٻانها آهن جو انهن جون راتيون بارگاهِ اِلٰهي ۾ لڙڪ وهائيندي گذرن ٿيون، جنهن سبب انهن جي ننڊ اُڏامي ويندي آهي، ان جي باوُجود صبح ٿيندي آهي ته ماڻهن جي اڳيان پنهنجو پاڻ کي سڀني کان وڌيڪ گنهگار تَصَوُّر ڪندا آهن.

اهو آهي الله وارن جو شان...! الله پاڪ پنهنجي ان نيڪ ٻانهن جو صدقو اسان گنهگارن کي به اِخلاص جي دولت عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ

دے حُسنِ اخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یااللہ! مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش، صفحه: 123)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## نيڪيون لڪائڻ مان ڇا مُراد آهي؟

الله پاڪ جي ڪامِل وليءَ، قرآنِ ڪريم ۾ جن جي عِلم ۽ حِڪمت جو بيان

آهي يعني حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه. قرآنِ ڪريم، سيپاري: 21 ۾ سندن نالي جي هڪ پُوري سُورت آهي: سورۂ لقمان. حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو: پٽ! **رِياڪاري هيءَ آهي تہ تون نيڪي جو بدلو دُنيا ئي ۾ طلب ڪرين جڏهن تہ نيڪ ماڻهو آخرت جي لاءِ نيڪيون ڪندا آهن.** پٽ عرض ڪيو: بابا سائين! رياڪاري جو عِلاج ڇا آهي؟ فرمايائون: **نيڪين کي لڪائڻ.** پٽ وري عرض ڪيو: نيڪين کي ڪيئن لڪائي سگهجي ٿو، پٽ جي هن سُوال جي جواب ۾ حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه ٻہ ڳالهيون ارشاد فرمايون:

(1):فرمايائون: اهي نيڪيون جن جو اِظهار ضروري آهي، **انهن ۾ اِخلاص سان داخِل ٿيو.**

**وضاحت**: جيئن فرض نماز آهي، يقيناً اها تمام وڏي نيڪي آهي پر اها نيڪي اسان لڪي ڇپي ڪري سگهون ٿا؟ ڇوتہ فرض نمازون مسجد ۾ باجماعت ادا ڪرڻ واجِب آهي. اهڙي طرح حج آهي، عمرو آهي، اهي بہ تمام اعليٰ نيڪيون آهن پر ظاهر آهي حج ڪرڻ ويندا سين تہ ماڻهن کي خبر پئجي ئي ويندي، لهٰذا اهڙيون تمام نيڪيون جن جو اِظهار ضروري آهي يا جيڪي نيڪيون لڪائي ڪري ئي نٿيون سگهجن، اهڙيون نيڪيون صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ ڪيون وڃن، انهن ۾ واه واه جي، واکاڻ جي خواهش دِل ۾ نہ رکي وڃي، **اهڙي طرح جي نيڪين ۾ انهيءَ کي نيڪيون لڪائڻ چيو ويندو.**

(2) **:** ٻي نمبر تي حضرت لقمان حڪيم رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: **اهي نيڪيون جيڪي لڪي ڪري سگهجن ٿيون** (جيئن تهجد آهي، نفل نمازون آهن، صدقو ۽ خيرات آهي) **اهڙي نيڪين ۾ ڪوشش ڪيو تہ الله پاڪ کانسواءِ ڪنهن ٻي کي ان جي خبر نہ پئي ۽ جيڪر ڪا اهڙي نيڪي ماڻهن تي ظاهر ٿي وڃي تہ ان کي**

**پنهنجي نيڪين ۾ شُمار ئي نہ ڪيو...!**( تفسيرِ قرطبی، پاره: 5، سورة النساء، هيٺ آيت: 36، جلد: 3، صفحہ: 110)

عطا کر دے اِخلاص کی مجھ کو نعمت نہ نزدیک آئے رِیا یاالٰہی!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُورۃُ الْکَھْف جي هڪ آيت جي وضاحت

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اچو! قرآنِ ڪريم مان آيت سڳوري جو هڪ حصو ۽ اُن جي مختصر سمجهاڻي ٻڌڻ جي سعادت حاصِل ڪيون ٿا. سيپاري: 16، سُورت ڪَهۡف، آيت: 110 ۾ آهي:

فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖۤ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جيڪو پنهنجي ربّ سان ملاقات جي اُميد رکندو هجي اُن کي گهرجي تہ نيڪ ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري. (پاره: 16، سورۂ کہف: 110)

## ملائڪن جون دُعائون حاصِل ڪرڻ جو آسان عَمَل

هيءُ سورت ڪهف جي آخري آيت جو حصو آهي، اسلام جي ٻي خليفي اَمِيرُ الْمُؤمِنِين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي، رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو هن کي پڙهي، ان جي لاءِ مقامِ عدن کان مڪي پاڪ تائين نُور بلند ڪيو ويندو، ملائڪ ان نُور جي چوڌاري هوندا آهن ۽ پڙهڻ واري جي لاءِ رحمت ۽ مغفرت جي دُعا ڪندا آهن. (تفسيرِ قرطبی، پاره: 16، سورۂ کہف، هيٺ آيت: 110، جلد: 5، صفحہ: 306) (مسند بزار، جلد: 1، صفحہ: 421، حديث: 297)

سُبۡحٰنَ الله! ملائڪن جون دُعائون حاصِل ڪرڻ جو ڪيترو آسان عَمَل آهي، اها آيت سڳوري ڪجهہ سيڪنڊن ۾ پڙهي سگهجي ٿي ۽ فضيلت ڇا آهي؟ پڙهڻ

واري جي لاءِ نُور بلند ڪيو ويندو ۽ ملائڪ ان جي لاءِ رحمت ۽ مغفرت جي دُعا ڪندا. **الحمد لله! شجره عاليه قادريه، رضويه عطاريه** ۾ به هن آيت جو وِرد شامِل آهي، شجره عاليه قادريه رضويه: شيخ طريقت، امير اهلسنت حضرت علّامه مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل وِرد وظيفن جو مختصر مجموعو آهي، هن ۾ سمهڻ وقت جي ست عملن مان هي پنجون عَمَل آهي: (سمهڻ وقت) سُوْرَةُ الْكَهْف جون آخري 4 آيتون (پڙهو!) فضيلت: رات ۾ يا صبح جنهن وقت جاڳڻ جي نيت سان پڙهندؤ، اک کلي ويندي (ان شآء الله الڪريم!). (شجره عطاريه، صفحه: 32)

الله پاڪ اسان سيني کي قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ، سمجهڻ، ان تي عمل ڪري دُنيا ۽ آخرت جون برڪتون ميڙڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عمل کا ہو جذبہ عطا یاالٰہی! گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی!
دے شوقِ تِلاوت، دے ذوقِ عبادت رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!

(وسائلِ بخشش، صفحه: 102 ملتقطاً)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آيتِ ڪريمه جو شانِ نزول

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سُورت ڪهف جي آخري آيت جو جيڪو حصو هينئر اسان ٻڌڻ جي سَعَادت حاصِل ڪئي، هن آيت سڳوري جو شانِ نُزُول بيان ڪندي حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رِسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ نيڪ عمل ڪيان ٿو ۽ ان ۾ منهنجي نيت صِرف الله پاڪ جي رِضا ئي هوندي آهي پر جڏهن منهنجي نيڪي ظاهر ٿي ويندي آهي، ماڻهن کي منهنجي نيڪ عملن جي خبر پئجي ويندي آهي ته مان خُوش ٿيندو آهيان (ته واه!

منهنجي نيڪين جي ڪري ماڻهن ۾ منهنجو مقام ۽ منهنجي عِزّت وڌي رهي آهي). ان وقت هيءَ آيت سڳوري نازِل ٿي، (تفسيرِ قرطبی، پاره: 16، سورۂ کہف، هيٺ آيت: 110، جلد: 5، صفحہ: 305) ۽ ارشاد ٿيو:

فَمَنْ كَانَ يَرْجُوْا لِقَآءَ رَبِّهٖ فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جيڪو پنهنجي ربّ سان ملاقات جي اُميد رکندو هجي اُن کي گهرجي ته نيڪ ڪم ڪري ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي به شريڪ نه ڪري. (پاره: 16، سورۂ کہف: 110)

## قيامت تي ايمان رکڻ جون ۾ تقاضائون

هن آيت سڳوري مان معلوم ٿيو ته هر اهو شخص جيڪو قيامت تي ايمان رکي ٿو، جنهن کي يقين آهي ته هڪ ڏينهن هيءَ دُنيا فنا ٿي ويندي، جنهن جو ايمان آهي ته الله پاڪ مخلوق کي ٻيهر زِندهه فرمائيندو، قيامت قائِم ٿيندي، تمام مخلوق کي ميدانِ محشر ۾ گڏ ڪيو ويندو، اڳيان پويان سيئي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضِر ٿيندا، جيڪو جنّت کي مڃي ٿو، جيڪو جهنّم جي عذابن تي يقين رکي ٿو، جيڪو دِل سان اِقرار ڪري ٿو ته قيامت جي ڏينهن عملن جو حِسَاب ورتو ويندو، نيڪ ماڻهن کي الله پاڪ جي رحمت سان جنّت ۾ داخِلا نصيب ٿيندي ۽ بدڪار ۽ گنهگار جن تي الله پاڪ جو غضب ٿيندو، اهي جهنّم جي دردناڪ عذاب ۾ گرفتار ٿيندا، جيڪو شخص هن سچي عقيدي تي پختو ايمان رکي ٿو، جيڪو قيامت جي ڏينهن شرمندگي کان بچڻ چاهي ٿو، جيڪو جنّت جو اُميد رکندڙ ۽ جهنّم کان آزادي جو طلبگار آهي، ان جو اهو اِيمان، ان جي جنّت ۾ وڃڻ جي اُمّيد ۽ خواهش اها تقاضا ڪري ٿي ته اهو شخص 2 ڪم ڪري:

نمبر1:

 

فَلْيَعْمَلْ عَمَلًا صَالِحًا ترجمو ڪنزالعرفان: اُن کي گهرجي تہ نيڪ ڪم ڪري

هن ۾ ڪو شڪ ناهي تہ الله پاڪ رَحْمٰن آهي، الله پاڪ رَحِيم آهي، الله پاڪ بخشڻهار، وڏو مهربان آهي پر الله پاڪ جي رَحمت تي اُمّيد جو بهانو بڻائي گُنَاهن تي دلير ٿيڻ، نيڪين کان پاسو ڪرڻ رحمتِ اِلٰهي تيَ اُمّيد نہ آهي بلڪ اهي ايمان جي تقاضائن جي خِلاف ورزي آهي.

عمل سے زِندگی بنتی ہے، جنّت بھی جہنّم بھی یہ خاکی اپنی فطرت میں نہ نُوری ہے نہ ناری ہے

انسان پنهنجي اصل ۾ نہ فرشتو آهي، نہ شيطان، انسان جا عمل فيصلو ڪندا آهن تہ هو جنّت جو حق دار آهي يا جهنّم جو سزا وار آهي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

فَاَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِیْنُهٗ ۙ﴿۶﴾ فَهُوَ فِیْ عِیْشَةٍ رَّاضِیَةٍ ؕ﴿۷﴾ وَ اَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِیْنُهٗ ۙ﴿۸﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِیَةٌ ؕ﴿۹﴾ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِیَهْ ؕ﴿۱۰﴾ نَارٌ حَامِیَةٌ ﴿۱۱﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: **پوءِ بهرحال جنهن جا پڙ ڳرا هوندا. اهو تہ دل گهري عيش ۾ هوندو. ۽ بهرحال جنهن جا پڙ هلڪا ٿيندا. تہ ان جو ٺڪاڻو هاويہ ٿيندو. ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها ڇا آهي؟ هڪ ٻرندڙ باهہ آهي.** (پارہ 30، سورۃ القارعۃ: 6-11)

عیش و عشرت کے لئے انساں نہیں یاد رکھ تُو بندہ ہے مہماں نہیں
غفلت و سستی تجھے شایاں نہیں بندگی کر تُو اگر ناداں نہیں
ایک دِن مرنا ہے آخر موت ہے کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

نمبر2: ٻيو ڪم جيڪو آخرت تي اِيمان جي تقاضا آهي، اهو هي تہ:

وَّلَا يُشْرِكْ بِعِبَادَةِ رَبِّهٖٓ اَحَدًا ﴿۱۱۰﴾

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پنهنجي رب جي عبادت ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪري.

تفسير قرطبي ۾ آهي: مُفَسِّر سڀني جو اتفاق آهي تہ هن آيت ۾ شِرڪ مان مُراد رِياڪاري (ڏيکاءُ) آهي. (تفسيرِ قرطبی، پاره: 16، سورهٔ کہف، ھیٹ آیت: 110، جلد: 5، صفحہ: 305) مطلب اهو تہ جيڪو ٻانهو آخرت تي اِيمان رکي ٿو اهو نيڪيون تہ ڪري ئي ڪري، عِبَادت تہ ڪري ئي ڪري، نمازون بہ پڙهي، روزا بہ رکي، تِلاوت بہ ڪري، صدقو ۽ خيرات بہ ڪري، قرآنِ پاڪ ۽ سُنَّتِ مصطفيٰ جي چانوَ ۾ شريعت جي مُطَابق زِندگي گذاري، ان سان گڏوگڏ آخرت تي ايمان جي اها بہ تقاضا آهي تہ ٻانهو رِياڪاري کان هر گهڙي بچندو رهي ۽ نيڪ ڪم صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ ڪري.

اِخلاص عطا کر دو! اور خُلق بھلا کر دو — بُلوا کے شہنشاہِ ابرار مدینے میں

## رياڪاري شرڪ اَصغر آهي

**پيارا اسلامي ڀائرو!** هن آيت مان هڪ تہ اها ڳالهہ معلوم ٿي تہ آخرت ۾ نجات جي لاءِ جهڙي طرح نيڪيون ڪرڻ ضروري آهن، اهڙي طرح پنهنجي نيڪين کي رياڪاري جي تباهہ ڪاري کان بچائڻ بہ ضروري آهي. ٻي اها ڳالهہ بہ هتي غور جي لائق آهي تہ هن آيت ۾ رياڪاري جي لاءِ لفظ "شرڪ" استعمال ڪيو ويو آهي، هن ۾ رياڪاري جي سختي جي طرف اشارو آهي تہ رياڪاري آهي تہ گُناهہ پر هي اهو گُناهہ آهي جيڪو شرڪ سان مشابهت(هڪجهڙائي) رکي ٿو.

حضرت عُبَاده رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان صحابي رسول حضرت شَدَّاد بن اَوس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيس، پاڻ مصلي تي تشريف فرما هئا ۽ روئي رهيا هئا، مون عرض ڪيو: سائين...! ڪهڙي شيءِ اوهان کي روئاريو

آهي؟ حضرت شَدَّاد بن اَوس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جن فرمايو: هڪ حديثِ پاڪ جيڪا مون رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪان ٻُڌي هئي. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ اها حديثِ پاڪ بيان ڪندي فرمايائون: هڪ ڏينهن مون اُمَّت جي غمخوار، مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نور واري چهري تي پريشاني جا آثار ڏسي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! منهنجا پيءُ ماءُ اوهان تي قربان...!! هي پريشاني جا آثار ڇا جي ڪري آهن؟

(اَللّٰہُ اَکۡبَر!) اُمّت سان محبت ڪندڙ آقا، فِڪرِ اُمَّت ۾ غمگين رهندڙ آقا صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ مُعَاملو آهي جنهن جو مون کي پنهنجي اُمَّت جي باري ۾ خوف آهي. حضرت شَدَّاد رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: مون پڇيو يار سولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اهو ڪهڙو مُعَاملو آهي؟ فرمايائون: شِرڪ ۽ خُفيه خواهش. مون عرض ڪيو: يا رسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اوهان جي اُمَّت شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويندي؟ ان تي فرمايائون: اي شَدَّاد! منهنجي اُمَّت سج، چنڊ ۽ پٿرن جي پُوڄا نه ڪندي پر منهنجي اُمَّت پنهنجي عملن ۾ ڏيکاءُ ڪرڻ لڳندي. مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا رِياڪاري شِرڪ آهي؟ فرمايائون: ها (رياڪاري شرڪ آهي). مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! خفيه خواهش ڇا آهي؟ فرمايائون: هي ته منهنجو ڪو اُمَّتي روزو رکي پر ڪنهن دُنياوي خواهش جي ڪري روزو ٽوڙي ڇڏي. (مستدرک، کتاب: الرقاق، جلد: 5، صفحہ: 470، حدیث: 8010)

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون کي توهان جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ شِرڪ اَصغَر جو خوف آهي. عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! شرڪ اَصغر ڇا آهي؟ فرمايائون: رياڪاري. وري فرمايائون: قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهن کي اُنهن جي عملن جو بدلو ڏنو ويندو ته رِياڪارن کي چيو ويندو: انهن ئي وٽ وڃو جن کي دُنيا ۾ پنهنجا عمل ڏيکاريندا هيؤ. (مسند احمد، جلد: 9، صفحہ: 591، حدیث: 24273)

## رياڪاري دَجّال جي فتني کان وڌيڪ خطرناڪ آهي

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان ويهي دجّال جي فتني بابت ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين، ايتري ۾ خوش اَخلاق نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي دجّال بابت ڳالهيون ڪندي ٻڌو ته فرمايائون: ڇا مان توهان کي ان شيءِ بابت نه ٻڌايان جنهن جو مون کي توهان جي متعلق دجّال کان به گهڻو خوف آهي؟ اسان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇو نه (ضرور ارشاد فرمايو!)، ان تي آقاءِ دوجهان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: شِرڪِ خَفِي (يعني ريا ڪاري، دَجّال جي فتني کان به وڌيڪ خطرناڪ آهي). (ابن ماجه، كتاب: الزہد، باب: الرياء والسمعة، صفحه: 682، حديث: 4204)

## دَجّال ڪير آهي؟ ان جي فتني جي وضاحت

اي عاشقانِ رسول! دَجّال وڏو ڪافِر آهي، قيامت جي ويجهو نڪرندو، اَعوَر (ڪاڻو يعني هڪ اک وارو) هوندو، ان جي نرڙ تي ڪافر لکيل هوندو، دَجّال جو فتنو نهايت سخت هوندو، هو خُدائي جي دعويٰ ڪندو، مئلن کي زِنده ڪندو، زمين مان ساوڪ ڦٽائيندو، ان سان گڏ هڪ باغ ۽ هڪ باهه هوندي، جن جو نالو جنّت ۽ دوزخ رکندو پر اهو جيڪو ڏسڻ ۾ باغ معلوم ٿيندو، اها حقيقت ۾ باهه هوندي ۽ جيڪا باهه ڏسڻ ۾ ايندي، اهو حقيقت ۾ باغ هوندو، هو 40 ڏينهن ۾ حَرَمَين شَرِيفَين کان علاوه سڄي دُنيا گهومندو، جتي ويندو، باغ ۽ باهه ان سان گڏ هوندي، جيڪو ان کي خُدا مڃيندو، ان کي باغ ۾ داخِل ڪندو ۽ جيڪو اُن جو انڪار ڪندو ان کي باهه ۾ وجهندو، اِهو سڀ جادُو جو ڪرشمو هوندو، آخر حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام آسمان تان نُزُول فرمائيندا (يعني لهندا) ۽ اُن ڪافِر دَجّال کي قتل ڪندا. (بہارِ شريعت، حصّہ: 1، جلد: 1، صفحہ: 120 تا 122 خلاصةً)

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪيو! دَجّال جو فتنو ڪيترو وڏو فتنو هوندو، جڏهن هو جادُو ذريعي مڙدا زِنده ڪري رهيو هوندو، زمين مان ساوڪ ڦٽائي

رهيو هوندو، ان وقت پنهنجو ايمان بچائڻ ڪيترو مشڪل هوندو، هاڻي ٿورو غور فرمايو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو: مون کي توهان بابت دَجَّال کان وڌيڪ "رياڪاري" جو خوف آهي.** اللّٰه اڪبَر! اندازو لڳايو! رياڪاري ڪيترو نہ خطرناڪ مرض آهي.

مٹا دے ساری خطائیں، مری مٹا یاربّ　　بنا دے نیک، بنا نیک دے بنا یاربّ!
بنا دے مجھ کو الٰہی! خلوص کا پیکر　　قریب آئے نہ میرے کبھی ریا یاربّ!
رہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے　　تِرے حبیب کا دیتا ہوں واسطہ یاربّ!

وسائلِ بخشش، صفحہ: 78

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رِياڪاري ڇا کي چئبو آهي...؟

هر اهو ڪم (جيڪو شرعي طور دُرُست هجي ۽) **اللّٰه پاڪ جي رِضا جي لاءِ ڪيو وڃي، ان کي عبادت چئبو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص ان ڪم کي اللّٰه پاڪ جي رِضا کان عِلاوه ڪنهن ٻي ارادي سان ڪري تہ اها رِياڪاري آهي.** (رياکاری، صفحہ: 7) **مثال طور نماز پڙهڻ عِبادت آهي، جيڪڏهن ڪو نماز پڙهي ٿو پر اللّٰه پاڪ جي رِضا جي لاءِ نٿو پڙهي، ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ پڙهي ٿو، اهڙو شخص رياڪار سڏبو.**

## نيڪي جو اِظهار بہ رِياڪاري ۾ شامِل آهي

رِياڪاري جون ٻہ بنيادي صُورتون آهن: **(1): هڪ صُورت تہ اها آهي تہ ماڻهو ڏيکاءُ ئي جي لاءِ نيڪ ڪم ڪري مثال طور ❖ هو نماز پڙهي ٿو تہ جيئن ان کي نمازي چيو وڃي ❖ روزو رکي ٿو تہ جيئن روزيدار سڏائي ❖ صدقو ۽**

خيرات ڪري ٿو ته جيئن سخي سڏجي، يعني ٻانهو نيڪي ڪرڻ کان پهريان يا نيڪي ڪرڻ جي دوران ئي رياڪاري جو شِڪار ٿئي، اها رياڪاري جي پهرين صُورت آهي. (2): اهڙي طرح رياڪاري جي هڪ ٻي صُورت ٻه آهي، اها هيءَ ته انسان نيڪي جو ڪم ڏيکاءُ جي لاءِ نه ڪري بلڪ اِخلاص سان، خالِص الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ نيڪي ڪري پر نيڪي ڪرڻ کان بعد، زِندگي ۾ ڪنهن وقت ڪنهن به دُنياوي مقصد جي لاءِ مثال طور پنهنجي واھ واھ جي لاءِ، عِزّت ۽ مرتبي جي لاءِ، پنهنجي اُن اِخلاص واري عَمَل جو اِظهار ڪري ته ايئن **پنهنجي اِخلاص وارين نيڪين جو اِظهار ڪرڻ به رِياڪاري ئي ۾ شامِل آهي.** **حجة الاسلام امام محمد بن محمد غزالي** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه **فرمائن ٿا:** روايتن مان خبر پوي ٿي ته هن طرح عَمَل کي ظاهر ڪرڻ سان پڻ عَمَل برباد ٿي ويندو آهي.

(احياءَ العلوم، جلد: 3، صفحه: 908)

## نيڪي جو اظهار ڪرڻ عَمَل کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي

**حضرت ابودرداء** رَضِیَ اللهُ عَنْهُ **کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار** صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن فرمايو: بيشڪ نيڪي جي حِفَاظت ڪرڻ نيڪي ڪرڻ کان وڌيڪ مشڪل آهي، بيشڪ انسان نيڪي ڪندو آهي ته ان جي لاءِ تنهائي ۾ ڪيل هڪ نيڪي ۽ اُن سان گڏ 70 ستر ڀيرا وڌائي (نيڪي جو ثواب) لکيو ويندو آهي. پوءِ شيطان ان سان لڳو پيو هوندو آهي، ايتري تائين جو ٻانهو ماڻهن جي سامهون پنهنجي نيڪي جو اِظهار ڪندو آهي، پوءِ 70 ڀيرا اِضافو (جيڪو ان جي اَعمَال نامي ۾ لکيو ويو هو) مٽايو ويندو آهي، پوءِ شيطان ان ٻانهي سان چنبڙيل رهندو آهي، ايستائين جو ٻانهو ٻئي ڀيري پنهنجي نيڪي جو اِظهار ڪندو آهي، ٻانهي جي خواهش هوندي آهي ته ان جي نيڪي جو ذِڪر ڪيو وڃي، نيڪ ڪم تي ان جي واکاڻ ڪئي وڃي، پوءِ ان جو اهو عَمَل مٽايو ويندو آهي ۽ ان جي بدران رياڪاري جو گُناھ لکيو ويندو آهي، انسان کي**

گهرجي تہ الله پاڪ ڪان ڊڄي، پنهنجي دِين جي حِفَاظت ڪري. بيشڪ رياڪاري شِرڪ آهي. (شعب الايمان، باب: فی الاخلاص العمل، جلد: 5، صفحہ: 344، حديث: 6864)

## نيڪين جي اظهار جون 2 جائز صورتون

الله! الله! **اي عاشقانِ رسول** ! غور فرمايو! هروڀرو پنهنجي نيڪين جو اِظهار ڪري رياڪاري جو شِڪار ٿيڻ وارو ڪيترو نقصان ۾ آهي...!! بيشڪ نيڪي جي اظهار جون جائز صورتون بہ آهن مثلاً. ❖ تحديثِ نعمت(يعني نعمت جو چرچو ڪرڻ سان) نيڪي جو اظهار ڪري سگهجي ٿو. ❖ انهيءَ طرح ڪو پيشوا آهي ۽ اهو پنهنجو عمل اُن نيت سان ظاهر ڪري ٿو تہ ان جي ماتحت افراد کي هن عمل جي رغبت ملندي تہ نيڪي جي اظهار جون اهي صورتون رياڪاري ناهن پر اهڙي طرح بہ نيڪي جو اظهار ڪرڻ ۾ خطرو تمام گهڻ آهي. هر هڪ کي پنهنجو عملظاهر ڪندي وقت 101 ڀيرا پنهنجي دل جي ڪيفيت تي غور ڪرڻ گهرجي ڇوتہ شيطان نهايت مڪار آهي، ٿئي سگهي ٿو اهڙي طرح ڀڙڪائي ڪري بہ هُو رياڪاري ۾ مبتلا ڪري ڇڏي. مثلاً دل ۾ وسوسو وجهي تہ ماڻهن کي چئو: مان تہ صرف تحديثِ نعمت جي لاءِ پنهنجو عمل ٻُڌائي رهيو آهيان. حالانڪ دل ۾ خوشي ٿئي رهيو هوندو آهي جو اهڙي طرح ٻڌائڻ سان ماڻهن جي دلين ۾ منهنجي عزت وڌي رهي آهي. اها يقيناً رياڪاري آهي ۽ گڏوگڏ تحديثِ نعمت جو چئي ڪري رياڪاري مٿان رياڪاري ڪرڻ آهي ۽ گڏوگڏ ئي ڪوڙ جي گناهہ جي تباهہ ڪاري بہ آهي. (فيضانِ رمضان، صفحہ:403۔)

عطا کر دے اِخلاص کی مجھ کو نعمت | نہ نزدیک آئے ریا یاالٰہی!

## ﻫﻲ وڏا خطرناڪ دُشمن

اي عاشقانِ رسول! جيڪڏهن اسان نيڪي جو اظهار ڪري ويناسين ۽ الله نہ ڪري! الله نہ ڪري! رياڪاري جو شڪار ٿي وياسين تہ غور ڪيو! ڪهڙي

نہ نقصان ۾ وجي پونداسين. نيڪي ڪرڻ ڪو آسان ڪم نہ آهي؟ هڪ نيڪي ڪرڻ جي لاءِ انسان هڪ ئي وقت ۾ ٻن دُشمنن سان جنگ ڪري ٿو، 1-نفسِ اَمّاره ۽ 2-شيطان، اهي ٻئي انتهائي خطرناڪ دُشمن آهن، اهي هر وقت نيڪين کان روڪيندا رهن ٿا، انسان هنن ٻنهي جي مخالفت ڪري نيڪي ڪندو آهي، پوءِ نيڪي ڪرڻ جي لاءِ محنت ٿيندي آهي، وقت لڳندو آهي، پيسو بہ خرچ ٿيندو آهي، مثال طور تهجد پڙهڻ جي لاءِ مٺي ننڊ جي قرباني ڏيڻي پوندي آهي، سردين ۾ ڪڏهن ٿڌي پاڻي سان وُضُو ڪرڻو پوندو آهي، نماز پڙهڻ جي لاءِ ڪاروبار ڇڏڻو پوندو آهي، ڪم ڪار ڇڏڻا پوندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ ماڻهو نماز پڙهڻ جي لاءِ گهران نڪرندو آهي تہ ٻار حسرت ڀريل نظرن سان ڏسي رهيا هوندا آهن پر والِد اُنهن جي پرواهہ ڪرڻ بغير مسجد ڏانهن هليو ويندو آهي، روزو رکڻ جي لاءِ سڄو ڏينهن بُک اُڃ برداشت ڪرڻي پوندي آهي، حج ڪرڻ جي لاءِ، عمرو ڪرڻ جي لاءِ لکين روپيا خرچ ٿين ٿا، سَفَر جي تڪليف برداشت ڪرڻي پوي ٿي، پوءِ اهي نيڪيون اِخلاص سان ڪيون وڃن تہ انهن جي جزاء ڇا آهي؟ جنّت، جنّت جون هميشہ رهندڙ نعمتون، الله پاڪ جو ديدار، جنهن کان وڌيڪ ڪا نعمت ئي نہ آهي. نيڪي ايتري قيمتي هوندي آهي، هاڻي جيڪڏهن ٻانهو ٿوري دير جي عارضي لذّت جي لاءِ، پنهنجي تعريف جي لاءِ، رڳو واهہ واهہ جي لاءِ ايتري قيمتي نيڪي ضايع ڪري تہ سوچيو هو ڪيتري نقصان ۾ آهي؟ پر افسوس! ماڻهو خيال نٿا ڪن، يقين مڃو! حالات ڏاڍا نازُڪ آهن، اڄڪلهہ نيڪي ڪرڻ جو جذبو گهٽ کان گهٽ ٿيندو پيو وڃي، پر نيڪين جي اِظهار جي رغبت وڌندي ئي پئي وڃي، نَفْسِ اَمَّاره نهايت سرڪش آهي، تعريف جو گهڻو شوقين آهي، شيطان گهڻو چالاڪ آهي، پهريان تہ نيڪيون ڪرڻ ئي ناهي ڏيندو، جيڪڏهن قسمت سان ڪو نيڪي جو ڪم ڪري ئي ونون تہ ڄڻ هٿ ڌوئي پويان پئجي ويندو آهي، جيسيتائين رياڪاري جي نيت سان نيڪي جو اظهار نہ ڪرائي تيسيتائي پُٺ ناهي ڇڏيندو ۽ اسان اهڙا نادان آهيون جو نفس ۽ شيطان جي ڳالهين ۾ اچي محنت سان ڪيل نيڪيون برباد ڪري ڇڏيندا

آهيون.

## هڪ جملي سبب ٻه حج ضايع ڪري ڇڏيا!

ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو هڪ جملو چئي سالن جي عِبَادت کي ضايع ڪري ڇڏيندا آهن. هڪ ڀيري حضرت سفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪنهن شخص وٽ دعوت تي ويا، ميزبان پنهنجي نوڪر کي چيو: اُنهن ٿانوَن ۾ ماني کڻي اچ جيڪي مون ٻي ڀيري حج جي سفر تان آندا هئا. حضرت سُفيان ثوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: اي مسڪين! تو هڪ جملي ۾ پنهنجا ٻه حج ضايع ڪري ڇڏيا. (فضائلِ دُعا، صفحہ: 281)

نفسِ بدکار نے دِل پر یہ قیامت توڑی     عَمَلِ نیک کیا بھی تو چھپانے نہ دیا

( سامانِ بخشش، صفحہ: 72)

## رِياڪار جو هڪ عبرتناڪ مثال

**اي عاشقانِ رسول !** غور ڪيو! ڪيتري نقصان جي ڳالھ آهي جو هڪ شخص جنهن محنت ڪئي، مشقت برداشت ڪئي، نيڪ عمل ڪيا پر اَفسوس! شيطان جي ڳالهين ۾ اچي، رياڪاري جي نيت سان پنهنجي نيڪين جو اِظهار ڪري نيڪ عمل برباد ڪرائي وينو. افسوس! نيڪين جو اِظهار ڪري رياڪاري جو شِڪار ٿيڻ واري جو رڳو عَمَل بيڪار ڪيو وڃي ها، تڏهن به صِرَف ايترو ٿئي ها ته جڻ ان نيڪي ڪئي ئي نه پر ڳالھ اِن ريت نه آهي بلڪ رِياڪار ته اهو خطاڪار آهي، جيڪو ڪري نيڪي ٿو پر رياڪاري جي سبب گنهگار لکيو ويندو آهي. ڏيکاءُ جي لاءِ نيڪي ڪرڻ رياڪاري جي نيت سان نيڪي جو اظهار ڪري ڇڏڻ ڪيتري قدر خطرناڪ آهي، اهو سمجهائڻ جي لاءِ قرآنِ ڪريم هڪ عبرتناڪ مثال بيان ڪيو آهي، سيپاري: 3، سورت بقره، آيت: 266 ۾ ارشاد آهي:

اَيَوَدُّ اَحَدُكُمۡ اَنۡ تَكُوۡنَ لَهٗ جَنَّةٌ مِّنۡ نَّخِيۡلٍ وَّ اَعۡنَابٍ تَجۡرِىۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُۙ لَهٗ فِيۡهَا مِنۡ كُلِّ الثَّمَرٰتِۙ وَاَصَابَهُ الۡكِبَرُ وَلَهٗ ذُرِّيَّةٌ ضُعَفَآءُ ۖۚ فَاَصَابَهَآ اِعۡصَارٌ فِيۡهِ نَارٌ فَاحۡتَرَقَتۡ ؕ كَذٰلِكَ يُبَيِّنُ اللّٰهُ لَـكُمُ الۡاٰيٰتِ لَعَلَّكُمۡ تَتَفَكَّرُوۡنَ ﴿۲۶۶﴾

(پاره: 3، سورة البقرة: 266)

ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا توهان مان ڪو اِهو پسند ڪندو تہ اُن وٽ ڪجين ۽ انگورن جو هڪ باغ هجي جنهن جي هيٺان نديون وهنديون هجن، اُن جي لاءِ اُن ۾ هر قسم جا ميوا هجن ۽ اُن ڪي پوڙهائپ اچي وڃي ۽ حال هي هجي تہ اُن جا ڪمزور ۽ هيٺا ٻار هجن پوءِ اُن تي هڪ واچوڙو اچي جنهن ۾ باهہ هجي پوءِ سمورو باغ سڙي وڃي. اللہ توهان سان اهڙي طرح پنهنجون آيتون کولي ڪري بيان ڪري ٿو تہ توهان غور ۽ فڪر ڪيو.

**اهو هڪ مِثال آهي** ( تفسير نعيمي، پاره:3 ، سورۂ بقره، زيرِ آيت:266، جلد:3، صفحہ:109)

اسان مان هر هڪ هن مثال کي سامهون رکي، ٿورو اکيون بند ڪري پنهنجي ذات بابت تَصَوُّر ڪري، مثال طور اسان تَصَوُّر ڪيون تہ اسان پوڙها ٿي چڪا آهيون، هاڻي ٻانهن ۾ پهريان جهڙي طاقت ناهي رهي، هاڻي گهڻي محنت وارو ڪم نٿو پُڄي، هن حالت ۾ ننڍا ننڍا ٻار بہ آهن، اهي ڪمائي نٿا سگهن، محنت مزدوري نٿا ڪري سگهن، اُنهن ٻارن جي پرورش جو واحِد سهارو اسان ئي آهيون، اسان جي هڪ دُڪان آهي، ان مان آمدني ٿيندي آهي، سمورو خرچ انهي مان هلي ٿو، ڪمائي جو ٻيو ڪو ذريعو نہ آهي، سيل مين (Sale Man) ايندو آهي ۽ مال ڏئي ويندو آهي، اسان آرام سان ويهي مال وڪرو ڪري ڇڏيندا آهيون، نظامِ زِندگي هلي رهيو آهي، اوچتو هڪ رات اُن دڪان ۾ باهہ لڳي ٿي، سمورو سامان سڙي راک ٿي وڃي ٿو، افسوس! جيئڻ جو هڪ ئي سهارو هو، اهو بہ نہ رهيو.

هاڻي هن حالت ۾ ڪيترو صدمو ٿيندو، ڪيتري سخت تڪليف ٿيندي؟ هر

هر ننڍڙن ٻارن جو خيال ايندو، هر هر تڪليف پئي ستائيندي، سيني ۾ غم جو سمنڊ پيو ڇوليون هڻندو، ڳوڙها وهي رهيا هوندا، غم جو ڪيڏو جبل ٽٽي پوندو؟ هاڻي انهي تَصَوُّر جو ٿورو آخرت ڏانهن رخ ڪيو، اسان دُنيا ۾ ڪيئي سال گذاريا، سڄي زِندگي نمازون پڙهندا رهياسين، روزا رکندا رهياسين، صدقو خيرات ڪندا رهياسين، اشراق ۽ چاشت ۽ اَوّابين جا ٻه پابند رهياسين، تهجد ٻه ڪڏهن نه ڇڏي، نفل حج ٻه ڪيا، عمرا ٻه ڪيا، نيڪين تي نيڪيون ڪندا وياسين، پنهنجي طور تي اسان وڏا نيڪ هئاسين، اَعۡمَال نامو نيڪين سان ڀريل سمجهي رهيا هئاسين، اوچتو موت جو فرشتو آيو، رُوح قبض ڪيو ويو، ڪهرام مچي ويو، ڪيترو نيڪ شخص هو، دُنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو، هر اک آلي آهي، روج راڙو ٿي رهيو هو، نيٺ اسان کي ڪفن پارايو ويو، نمازِ جنازه ادا ڪئي وئي، افسوس! پوءِ اسان کي اونداهي قبر ۾ لاهي اڪيلو ڇڏي ماڻهو غمگين دِل سان، واڪاڻ ڪندي، اسان جي نيڪين تي واه واه ڪندي گهرن ڏانهن موٽي ويا، هاڻي اسان آهيون ۽ اسان جا عمل. هاڻي ان تنهائي ۾، وحشت جي عالَم ۾، قبر جي اونداهي ۾ خبر پوندي ته اسان جون اهي سموريون نيڪيون ته رِياڪاري جي ڪري برباد ٿي ويون...! افسوس! اهي ڊگهيون ڊگهيون نمازون، تهجد، اَوّابين، اشراق، چاشت، اهي گرمين جا روزا، سڄي ڏينهن جي بک اُڃ، لکين خرچ ڪري جيڪي حج ڪيا هئا، عمرا ڪيا هئا، پنهنجي پگهر جي ڪمائي جيڪا غريبن ۾ ورهائي هئي، مسجد جي تعمير ۾ حِصّو وڌو هو، ديني مدرسي تي خرچ ڪيو هو، سڄي زِندگي محنت ڪري، تڪليفون سهي، هڪ هڪ ڪري نيڪيون گڏ ڪيون هيون، اُمّيد هئي، ڀروسو هو ته اهي نيڪيون قبر ۾ ڪم اينديون، عذابِ قبر کان بچائينديون، سخت انڌيري رات کي روشن فرمائينديون پر افسوس! صد ڪروڙ افسوس..! هاڻي قبر ۾ پهتاسين ته معلوم ٿيو ته رياڪاري جو شڪار ٿئي ڪري سڄي محنت ته برباد ڪري ڇڏي، هاڻي اَعۡمَالنامي ۾ ته ڪا نيڪي ناهي بچي، رياڪاريون ئي رياڪاريون آهن، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! الله پاڪ بچائي...! **پيارا**

**اسلامي ڀائرو!** جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ قبر جي ان تنهائي ۾، هن وحشت ۾ اسان تي ڇا گذرندي، ڪيڏو غم جو پهاڙ ٽٽندو، ڪيتري حسرت ٿيندي...!!

ان وقت ماڻهو زمين جي مٿان اسان جي تعريف ڪري بہ رهيا هجن تہ ڪهڙو فائدو؟ اسان تہ قبر جي تنهائي ۾ غَم ۽ شرمندگي جو شِڪار ٿي رهيا هونداسين، حسرت ٿي رهي هوندي پر اَفسوس!

اَب پچھتائے کیا ہووَت جب چڑیاں چُگ گئیں کھیت

کچھ مرے بچنے کی صُورت کیجئے اب تو جو ہونا تھا مولا ہو گیا

(ذوقِ نعت، صفحہ: 35)

## سڀ کان وڌيڪ نقصان ۾ ڪير...؟

**اي عاشقانِ رسول!** سنجيدگي سان غور ڪيو! نيڪين جو اِظهار ڪرڻ ۽ ان جي ذريعي رياڪاري جو شِڪار ٿيڻ ڪيتري قدر نقصان پهچائيندڙ آهي...! سيپاري: 16، سورت ڪهف، آيت: 103 ۽ 104 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

قُلۡ هَلۡ نُنَبِّئُكُمۡ بِالۡاَخۡسَرِيۡنَ اَعۡمَالًا ﴿۱۰۳﴾ اَلَّذِيۡنَ ضَلَّ سَعۡيُهُمۡ فِي الۡحَيٰوةِ الدُّنۡيَا وَ هُمۡ يَحۡسَبُوۡنَ اَنَّهُمۡ يُحۡسِنُوۡنَ صُنۡعًا ﴿۱۰۴﴾

(پاره: 16، سوره ڪهف: 103-104)

ترجمو ڪنزالعرفان: اوهان فرمايو: ڇا اسان توهان کي ٻڌايون تہ سڀني کان وڌيڪ ناقص عمل وارا ڪهڙا آهن؟ اهي ماڻهو جن جي سموري ڪوشش دنيا جي زندگي ۾ تباه ٿي وئي ۽ اُهي هي خيال ڪري رهيا آهن تہ اُهي سٺا ڪم ڪري رهيا آهن.

هنن آيتن ۾ ٻڌايو ويو تہ اهو شخص جيڪو دُنيا ۾ محنت ڪندو رهيو، ڪوشش ڪندو رهيو، ان بظاهر پنهنجو وقت ضايع ناهي ڪيو ۽ هو سمجهي رهيو هو تہ مان ڪوڙ سٺا ڪم ڪري رهيو آهيان، مان گهڻيون نيڪيون ڪمائي رهيو آهيان پر جڏهن روزِ قيامت الله پاڪ جي بارگاه ۾ حاضِر ٿيو تہ خبر پئي تہ اها سڄي محنت، سڄي ڪوشش تہ ضايع ٿي وئي، هي اهو شخص آهي

جيڪو قيامت جي ڏينهن سڀ کان وڏيڪ خساري ۽ نقصان ۾ هوندو. علّامہ قُرطُبي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: اُن شخص جا عمل ضايع ٿي ويندا يا تہ ان ڪري جو هُو بدعقيده هو، ڪافِر هو، بدمذهب هو، **يا وَري ان ڪري عمل ضايع ٿي ويندا جو هو رِياڪاري ۽ ڏيکاءُ ڪندو هو.** (تفسيرِ قرطبی، پاره: 16، سورۂ کہف، ہیث آیت: 103، جلد: 5، صفحہ: 302)

## رياڪار الله پاڪ سان بدديانتي ڪرڻ وارو آهي

هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! قيامت جي ڏينهن ڪهڙي شيء نجات ڏياريندي؟ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ سان بدديانتي نہ ڪرڻ. ان شخص وري عرض ڪيو: ڀانهو الله پاڪ سان بدديانتي ڪيئن ٿو ڪري سگهي؟ فرمايائون: هن طرح جو توهان الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمانبرداري وارو ڪم غَيرُ الله کي راضِي ڪرڻ جي لاءِ ڪيو. سو رياڪاري کان بچندا رهو ڇوتہ رياڪاري شرڪ (اَصغر) آهي ۽ قيامت جي ڏينهن رياڪار کي 4 نالن سان سڏيو ويندو: (۱):اي بدڪار! (۲):اي ڏوڪيباز! (۳):اي ڪافِر! (۴):اي نقصان کڻڻ وارا! تنهنجو عَمَل خراب ٿيو، تنهنجو اَجُر برباد ٿيو، اڄ تنهنجي لاءِ ڪو حِصّو ناهي، اي ڏوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارا! پنهنجو ثواب ان وٽ تلاش ڪر جنهن جي لاءِ عَمَل ڪندو هُئين. (الزواجر عن اقتراف الکبائر، جلد: 1، صفحہ: 75)

## الله کي خبر آهي تہ ڪير متقي آهي...!

**اي عاشقانِ رسول!** ڊڄي وڃو! نيڪين جي اِظهار کان بچو! صرف الله پاڪ جي رضا جا طلبگار بڻجي وڃو! سيپاري: 27، سورۂ نَجم، آيت: 32 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَلَا تُزَكُّوْۤا اَنْفُسَكُمْؕ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنِ اتَّقٰى۠ (۳۲)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ توهان پاڻ پنهنجي جانين جي پاڪيزگي بيان نہ ڪيو، اهو خوب ڄاڻي ٿو جيڪو

پرهيزگار ٿيو.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هي آيت اُنهن ماڻهن جي باري ۾ نازِل ٿي جيڪي نيڪيون ڪندا ۽ پنهنجي عملن جي واکاڻ ڪندا هئا ۽ چوندا هئا: اسان جون نمازون، اسان جا روزا، اسان جا حج. هن تي الله پاڪ فرمايو: اي ايمان وارؤ! توهان فخريہ طور تي پنهنجي نيڪين جي تعريف نہ ڪيو، الله پاڪ اُنهن ٻانهن کي خوب ڄاڻي ٿو جيڪي پرهيز گار آهن ۽ انهيءَ جو ڄاڻڻ ڪافي آهي چوتہ اهوئي جزا ڏيڻ وارو آهي، لھٰذا ٻين وٽ پنهنجي عملن جي اِظّهار ۽ نمائش مان ڪهڙو فائدو...؟ (تفسير صراط الجنان، پاره: 27، سورة نجم، هيٺ آيت: 32، جلد: 9، صفحہ: 569)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** غور ڪيو! ڪيتري زبردست ڳالھ آهي، الله ڄاڻي ٿو تہ ڪير نيڪ آهي، الله ڄاڻي ٿو تہ ڪير پرهيزگار آهي، ڪير تهجد پڙهي ٿو، الله ڄاڻي ٿو، ڪير پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪري ٿو، الله ڄاڻي ٿو، ڪير اشراق ۽ چاشت جو پابند آهي، الله ڄاڻي ٿو، ڪير ڪثرت سان تِلاوت ڪري ٿو، الله ڄاڻي ٿو، ڪير ڪيترو صدقو ۽ خيرات ڪري ٿو، الله ڄاڻي ٿو، ڪير مدني قافلي ۾ سَفَر جو پابند آهي، الله ڄاڻي ٿو، ڪير هفتيوار اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪري ٿو، الله ڄاڻي ٿو، ڪير پنهنجي عملن جو جائزو وٺي نيڪ اعمال جو رسالو پابندي سان ڀري ٿو، الله ڄاڻي ٿو، الله پاڪ جيڪو تمام جهانن جو پالڻهار آهي، الله پاڪ جيڪو سڀني جو خالِق آهي، الله پاڪ جيڪو نيڪين جي جزاء ڏيندو آهي، الله پاڪ جيڪو اسان جو بہ مالِڪ آهي، جنّت جو بہ مالِڪ آهي، اهو الله پاڪ جڏهن ڄاڻي ٿو تہ اسان نيڪي ڪئي آهي تہ هاڻي باقِي ڪنهن کي ٻڌائڻ جي، ڪنهن جي سامهون اِظّهار ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي...؟ مشهور مفسر قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تمام پياري ڳالھ لکي آهي، لکن ٿا: لطف تہ تڏهن آهي جو ٻانهو چئي: مان گنهگار آهيان. رَبّ چئي: اهو پرهيزگار آهي جيئن ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ.

(تفسير نور العرفان، پاره: 27، هيٺ آيت: 32، صفحہ: 634)

حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ عاجِزي ڪرڻ وارا هئا، پاڻ کي گنهگار شُمار ڪندا هئا، خوفِ خُدا سبب روئيندا هئا، پر الله پاڪ سندن شان ۾ فرمايو آهي:

وَسَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿١٧﴾ الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ﴿١٨﴾

(پاره: 30،سورة الليل: 17-18)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ عنقريب سڀ کان وڏي پرهيزگار کي اُن باھ کان پري رکيو ويندو. جيڪو پنهنجو مال ڏيئي ٿو تہ جيئن اُن کي پاڪيزگي ملي.

اها آهي اَصل لُطف جي ڳالھ، اسلام جو پهريون خليفو حضرت ابوبڪر صديق رضی اللہ عنہ عاجِزي ڪندي فرمائن ٿا: مان گنهگار آهيان، الله پاڪ فرمائي ٿو: هي نيڪن جو سردار آهي. بهر حال! نيڪين جو اِظهار ڪري، پاڻ پڏائي پنهنجون نيڪيون داءُ تي لڳائڻ، پنهنجي محنت ضايع ڪرڻ جا سبب بنائڻ سخت نقصان جي ڳالھ آهي، ڪنهن عقلمند کان پڇيو ويو: بُرو سچ ڇا آهي؟ فرمايائين: پاڻ پنهنجي واکاڻ ڪرڻ(يعني پنهنجي زبان سان پنهنجي واکاڻ ڪرڻ، پنهنجي نيڪين جو اِظهار ڪرڻ).

## نيڪين جي اِظهار کان بچڻ جا ۾ طريقا

اسان جا بزرگ سڳورا جن جي اڄ دُنيا ۾ شهرت آهي، جن جي نالن سان محفلون سجنديون آهن، جن جي مزارن تي ماڻهن جو ميڙ هوندو آهي، الله پاڪ جي انهن نيڪ ماڻهن جون بہ اعليٰ وصفون آهن، جيڪڏهن هنن وصفن کي اپنائي ونون تہ ان شاء الله الڪريم! نيڪين جي اِظهار جي آفت کان بچي پونداسين.

### (١): پاڻ کي گنهگار سمجهڻ

پهرين وَصف اها تہ اسان جا بزرگانِ دين جيتوڻيڪ هر گهڙي نيڪين ۾ گذاريندا هئا، سڄي رات عبادت ڪندا هئا، روزانو سوين نفل پڙهندا هئا، ان

جي باوُجُود اهي نيڪ ماڻهو پاڻ کي گنهگار سمجهندا هئا. حضرت بَکْر بن عبد الله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه جو معمول مبارڪ هو، پاڻ ڪنهن پوڙهي شخص کي ڏسندا هئا ته فرمائيندا ها: هي مون کان بهتر آهي جو مون کان پهريان الله پاڪ جي عبادت جو شرف رکي ٿو. جڏهن ڪنهن جوان کي ڏسندا ها ته فرمائيندا هئا: اِهو مون کان بهتر آهي جو منهنجا گُنَاهَ هن کان وڌيڪ آهن. (حلية الاوليا، جلد:2 ، صفحہ: 257، حديث: 2143) حضرت محمد واسع رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪڏهن گُنَاهن کان بدبُو اچي ها ته مون وٽ ڪو ويهي نه سگهي ها. (سُرُور القلوب، صفحہ: 213) حضرت سري سقطي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه روزانو آئيني ۾ ان نيت سان چهرو ڏسندا هئا جو ڪٿي گُنَاهن جي ڪري منهنجو چهرو ڪارو نه ٿي ويو هجي. (سُرُور القلوب، صفحہ: 214)

راتِیں زاری کر کر روندے نیند اکھیں دِی دھوندے
فَجُرِیں او گنہار کہاندے سب تھیں نیوے ہوندے

وضاحت: يعني هُو اهڙا نيڪ ٻانها آهن جو انهن جون راتيون بارگاهِ اِلٰهي ۾ ڳوڙها ڳاڙيندي گذرن ٿيون، جنهن سان انهن جي ننڊ ڦٽي وڃي ٿي، ان جي باوُجود صبح ٿيندي آهي ته ماڻهن جي سامهون پنهنجو پاڻ کي سڀ کان وڌيڪ گنهگار تَصَوُّر ڪندا آهن.

اهو آهي الله وارن جو مبارڪ انداز...! انهن بزرگن جون اهي عاجزيون آهن، اهي نيڪ هئا، ڏينهن رات عبادت ۾ گذاريندا هئا، ان جي باوُجُود پاڻ کي گنهگار سمجهندا هئا. جيڪڏهن اسان به دِل سان پاڻ کي گنهگار مڃي ونون ته ان شآء الله الڪريم! نيڪين جي اِظْهار جي آفت کان بچي ويندا سين، ظاهر آهي جيڪو شخص پاڻ کي نيڪ سمجهي ئي نٿو، پوءِ نيڪي جي اِظْهار جو ته سُوال ئي پيدا نٿو ٿئي. حضرت اسماعيل بن نُجَيد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ٻانهو ان وقت تائين بندگي ۾ ڪامِل نٿو ٿي سگهي، جيستائين پنهنجي تمام نيڪين کي رياڪاري نه سمجهي. (تاريخ الاسلام، جلد: 8، صفحہ: 525)

يعني ٻانهو نيڪيون ڪري پر اُن نيڪين کي شُمار نہ ڪري بلڪ نيڪين ۾ جيڪا اِخلاص جي ڪمي رهجي وئي، ان ڪمي جي فِڪر ڪري ۽ اللہ پاڪ کان مُعَافِي جو طلبگار رهي.

## (٢): رِڳو رِضاءِ الٰهي جو طلب گار رهڻ

اللہ پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي ٻي وَصَف جيڪا اسان کي نيڪين جي اِظهار جي آفت کان بچائي سگهي ٿي، اها هي آهي تہ اسان جا بزرگ سڳورا هر حال ۾ اللہ پاڪ جي رِضا جا طلبگار رهندا هئا، انهن جي زِندگين جو صِرَف هڪ ئي مقصد هو: ڪنهن طرح اللہ پاڪ اسان کان راضِي ٿي وڃي.

وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا ﴿۸﴾ اِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللّٰهِ لَا نُرِيْدُ مِنْكُمْ جَزَآءً وَّ لَا شُكُوْرًا ﴿۹﴾
(پاره 29، سورۂ دَهر: 8-9)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اُهي اللہ جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيدي کي کاڌو کارائن ٿا. اسان توهان کي خاص اللہ جي رضا جي لاءِ کاڌو کارايون ٿا. اسان توهان کان نہ بدلو گهرون ٿا ۽ نہ مهرباني.

ڏسو! اها اللہ پاڪ جي نيڪ ٻانهن جي وَصَف آهي، اهي يتيمن کي، مسڪينن کي کاڌو کارائيندا آهن، ڇو کارائيندا آهن ؟ **صِرَف اللہ پاڪ جي رِضا جي لاءِ ۽ مَاشَآءَ اللہ!** هي خواهش بہ نٿا رکن تہ ڪو انهن کي ”شڪريہ (Thank You) چئي.

اللہ پاڪ اسان کي بہ رضاءِ الٰهي جو طلب گار بڻائي. اسان جي زندگي جو اصل مقصد ئي اللہ پاڪ کي راضي ڪرڻ آهي، جيڪڏهن اللہ پاڪ راضي ٿي وڃي تہ ڀاڳ ئي کلي پوندا ۽ جيڪڏهن اللہ پاڪ راضي نہ ٿئي تہ يقين مڃو! سڄي دنيا بہ اسان جي واکاڻ ڪري رهي هجي تڏهن بہ ڪجهہ حاصل نہ ٿيندو.

تاج وتخت و حکومت مت دے کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رِضا کا دیدے مژدہ یااللہ مری جھولی بھر دے

## گناهن جي اِظهار کان بہ بچو...!

**اي عاشقانِ رسول!** جهڙي طرح رياڪاري جي نيت سان نيڪين جو اِظّهار دُرُست نہ آهي، اهڙي طرح گُناهن جو اِظّهار ڪرڻ بہ غلط آهي. هڪ هي تہ ٻانهو چئي: مان نهايت گنهگار آهيان. هن طرح جي ڳالهہ عاجزي ۾ شُمار ٿئي ٿي، ايئن عاجزي وارا لفظ ڳالهائڻ وقت بہ خُوب غور ڪرڻ گهرجي، جيڪڏهن فرض ڪيو ٻانهو دِل ۾ پاڻ کي نيڪ سمجهي رهيو هجي پر زبان سان چئي تہ مان گنهگار آهيان تہ يقيناً اها عاجزي ناهي بلڪہ ڪوڙ ٿيندو. لهٰذا هن طرح عاجزي جا لفظ ڳالهائڻ وقت بہ احتياط ڪرڻ گهرجي. ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي جو اهي خاص گُناہ جو اِظّهار ڪندا آهن، مثال طور اَڄُ منهنجي فجر قضا ٿي وئي هئي، ڪي نادان فخر سان چئي رهيا هوندا آهن: (مثلاً) مون فُلاڻي کان هيترن هزارن جو ڏوڪو ڪيو. مطلب: مختلف انداز سان ماڻهو پنهنجي گناهن جو اِظّهار ڪري رهيا هوندا آهن. ائين ڪنهن شرعي ضروت جي بغير گناهن جو ظهار ڪرڻ بہ درست ناهي. فتاويٰ شامي ۾ آهي: اِظْهَارُ الْمَعْصِيَةِ مَعْصِيَةٌ. گُناهہ جو اِظّهار بہ گُناهہ آهي. (فتاوی شامی، کتاب: الصلاۃ، جلد: 2، صفحہ: 650)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار مدني مذاڪرو

**اي عاشقانِ رسول!** نيڪين جو جذبو ماڻڻ، نيڪيون لڪائڻ ۽ فڪرِ آخرت وڌائڻ جو ذهن بنائڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حصو وٺو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْكَرِيْم! نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جو ذهن بڻجندو. ذيلي حلقي جي 12

ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: هفتيوار مدني مذاڪرو.

الحمد لله! امير اهلسنت حضرت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ هر ڇنڇر تي عِشَاء نماز کان بعد مدني چينل تي براه راست (Live) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، جنهن ۾ هر هفتي سوين عاشقانِ رسول عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) حاضر ٿي عِلَمِ دِين جون برڪتون حاصل ڪندا آهن. هزارين عاشقانِ رسول پنهنجي شهرن/علائقن ۾ **اجتماعي طور مدني مذاڪرو** ڏسڻ جو اِهتمام ڪندا آهن ۽ **مدني چينل، سوشل ميڊيا** (مثال طور يوٽيوب،فيس بُڪ وغيره) جي ذريعي خبر ناهي دُنيا ۾ ڪيتي ڪيتي مدني مذاڪرو ڏٺو ويندو آهي، انهن مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول کي ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصل ٿين ٿيون، اچو! هڪ مدني بهار پڙهون ٿا:

## ماڊرن نوجوان جي توبہ

منڊي بهاءُ الدّين (پنجاب، پاڪستان) هڪ اسلامي جو بيان آهي: دعوتِ اسلامي جي دِينيءَ ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان فيشن جو گهڻو شوقين هيس، يادِ اِلٰهي کان غافِل، دُنيا جي رنگينن ۾ مَصرُوف زِندگي جا قيمتي لمحا برباد ڪري رهيو هئس، رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني ۾ مون تي ڪرم ٿيو ۽ مون کي دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام **اجتماعي سُنّت اعتڪاف** جي سعادت نصيب ٿي، اُتي پُرسوز بيان، سحر ۽ افطار جا روحاني نظارا تمام گهڻو سنا لڳا، وڌيڪ سعادت اها بہ ملي تہ مون کي امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ جي مدني مذاڪرن ۾ شرڪت جو موقعو حاصل ٿيو، ايئن منهنجي دِل گناهن جي مير کان صاف ٿيڻ لڳي، گُنَاهن ڀري زندگي ۾ عشق رسول جي روشني پکڙجي وئي، مون گناهن کان توبہ ڪئي ۽ امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ سان بيعت ٿئي عطاري بڻجي ويس. الحمد لله! انهيءَ اعتڪاف جي برڪت سان مون چهري تي ڏاڙهي شريف بہ سجائي ۽ مٿي تي عمامي جو تاج بہ پائي

ورتو.

اسی ماحول نے ادنٰی کو اعلٰی کر دیا دیکھو     اندھیرا ہی اندھیر تھا، اُجالا کر دیا دیکھو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!     صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا اسلامي ڀائرو!** بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاھ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ٿي پيرا فرمايو: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت ٿئي. عَرَض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جو نائب ڪير آهي؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارو. (جامع بيانِ عِلْم، باب: عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ: 201، حدیث: 220)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا!     جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## وليمو ڪرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي

**ٻه فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:❶: وليمو ڪيو جيتوڻيڪ هڪ ٻڪري جو ئي ڪيو. (بخاری، کتاب: النکاح، باب: الولیمۃ ولو بشاۃ، صفحہ: 1329، حدیث: 5167) ❷: بُرو کاڌو ان وليمي جو آهي جنهن ۾ مالدارن کي دعوت ڏني وڃي ۽ غريبن کي ڇڏيو وڃي. (بخاری، کتاب: النکاح، باب: من ترک الدعوۃ، صفحہ: 1331، حدیث: 5177)

**اي عاشقانِ رسول!** وليمو ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي ❀ اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وليمو ڪندا هئا. ❀ اُمُّ الْمُؤْمِنِيْن حضرت صفيہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نِڪاح مهل پياري آقا، رسولِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وليمي ۾ حَرِيسه ڪارايو هو. (بخاری، کتاب: النکاح، باب: الولیمۃ ولو بشاۃ، صفحہ:1330، حدیث: 5169) **حَرِيسه جي وضاحت**: ڪجور، مکڻ، چوهارا ۽ گيهه ملائي ناهيل کاڌي کي حَرِيسہ چيو ويندو آهي، ان جون ڪوڙ ساريون قسمون آهن ۽ مختلف طريقن سان ٺاهيو ويندو آهي.

❖ اهڙي طرح اُمُّ المُؤْمِنِيْن حضرت زينب رَضِیَ اللهُ عَنْهَا سان نڪاح جي وقت پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم وليمي ۾ سڄي هڪ ٻڪري ذبح فرمائي، اهو پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جي طرفان ڪيل وليمن مان وڏو وليمو هو. (بخاری، کتاب: النکاح، باب: الوليمة ولو بشاة، صفحہ: 1330، حديث: 5168)

**وليمي جي دعوت بابت مدني گل:** ❖ وليمو مرد جي حيثيت جي مطابق آهي، مثال طور غريب آهي ته پنهنجي حيثيت جي مطابق دعوت جو اهتمام ڪري، امير پنهنجي حيثيت جي مطابق (فتح الباری، کتاب: النکاح، باب: الوليمة ولو بشاة، جلد: 9، صفحہ: 293، تحت الحديث: 5167) ❖ وليمو شبِ عروسي ڪان بعد ڪرڻ سُنّت آهي، ڪجهه ماڻهو نڪاح ڪان پهريان ئي وليمو ڪندا آهن، هن طرح ڪرڻ سان سُنّت ادا نه ٿيندي. ❖ وليمي جي دعوت قبول ڪرڻ سنت آهي، البت جنهن وليمي يا دعوت جي باري ۾ معلوم آهي ته اتي خرافات (مثال طور ڳائڻ نچڻ ٿيندو، يا عورتون ۽ مرد گڏ هوندا) ته اتي نه وڃجي. (بہارِ شريعت، جلد: 3، صفحہ: 392، حصہ: 16خلاصةً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

**دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري**

**اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون**

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، صفحہ 151 ملخّصًا)

## ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، صفحہ 65)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البديع، الباب الثانى، صفحہ 277)

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، صفحہ 149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُمْ کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، صفحہ 125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. (الترغيب والترهيب، جلد 2، صفحہ 329، حديث 31)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. (مجمع الزوائد، كتاب الادعية، باب فى كيفية الصلاة ...الخ، جلد 10، صفحہ 254، حديث: 17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر جلد 19، صفحه 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد